# سنڌ فلڊ ايمرجنسي اينڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ تحت ماحولياتي ۽ سماجي آڊٽ رپورٽ جو خلاصو

آبپاشي کاتو
سنڌ حڪومت





# سنڌ فلڊ ايمرجنسي اينڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ تحت ماحولياتي ۽ سماجي آڊٽ رپورٽ جو خلاصو

هن آزاد آڊٽ جومقصد سنڌ فلڊ ايمرجنسي اينڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) جي سرگرمين ۾ ماحولياتي ۽ سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ ان ڳالهه جو اندازو لڳائڻ آهي ته اهي (ESS) جي معيار تي ڪيتري حد تائين پورو لهن ٿا. هي ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو (ESA) سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) جي ذيلي منصوبن سان لاڳاپيل(ESS)جي روشني ۾ جاري سرگرمين ۾ اڳڀرائين ڪي بيان ڪري ٿو.

پاڪستان ۾ سال 2022ع جي جون ۽ آگسٽ مهيني دوران تيز برساتن جي ڪري ڍنڍن ڍورن ۽ شهرن ۾ ٻوڏ جي صورتحال سبب وڏا سانحا پيش آيا. نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جي انگ اکرن موجب ٻوڏ ۾ 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا ۽ اٽڪل 80 لک ماڻهو بي گهر ٿي ويا. جڏهن ته ٻوڏ سبب 1700 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. برساتي ٻوڏ، گليشيئرز جو پگهرڻ ۽ ان جي ڪري برفاني ڇپون ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي وسندين تباهه ٿي ويون. جڏهن ته ماڻهن جي جياپي توڙي آمدني جا وسيلا لڙهي ويا. شروعاتي جائزي جي انگ اکرن موجب ملڪ ۾ ٻوڏ جي ڪري مهانگائي جي شرح ۾ 3.7 کان 4 سيڪڙو تائين واڌ ٿي آهي. جنهن سبب 8 لک چاليه هزار کان 9 لک 10 هزار تائين ماڻهو غربت ۾ وڪوڙجي ويا آهن. سنڌ جي ڪيرٿر جابلو پٽي تي سال 2022ع ۾ توقع کان وڌيڪ برساتون ٿيون. جنهن سببسموريصوبيءَ ۾ ٻوڏ جي صورتحال پيدا ٿي وئي. ڪشمور، قمبر- شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، دادو، سيوهڻ، خيرپور ناٿن شاهه، سانگهڙ،خيرپور ميرس ۽ بدين سوڌو سمورو صوبو متاثر ٿيو. ٻوڏ عام خيال کان به تمام وڌيڪ نقصان رسايو آهي. ٻوڏ جي ڪري سنڌ جي آبپاشي ۽ پاڻي جي نيڪال واري ڍانچي کي به نقصان ٿيو آهي. بچاءَ بندن، ڍنڍن، نالن ۽ ننڍن ڊيمن کي به مبينا نقصان پهتو، جنهن سبب صوبي ۾ آبپاشي جون سرگرميون تمام گهڻيون متاثر ٿيون آهن.

هي اي ايس اي (ESA) رپورٽ جُزا1-بُنيادي ڍانچي جي بحالي جو آڊٽ تجزيو پيش ڪري ٿي: جنهن تحت 52 ذيلي منصوبن (ان ۾ 43 هنگامي ڪمن جي ذيلي منصوبن ۽ 9 هنگامي بحالي جي ڪمن جي ذيلي منصوبن جون جايون شامل آهن) تي اي ايس ايس (ESS) جي معيار جو جائزو ورتو ويندو آهي، جڏهن ته هي آڊٽ جاري سرگرمين وارين جاين تي لاڳاپيل ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي نوعيت توڙي دائري بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿي. اُن ڪانسواءِ مسئلا گهٽائڻ لاءِ گهربل سرگرمين ۽ ننڍن اپائن سان گڏ اُنهن تي عمل جي ٽائيم لائين کي بيان ڪيو ويو آهي. هي منصوبو 2022ع ۾ ٻوڏ جي ڪري پيدا ٿيل غيرمعمولي حالتن سبب عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هلندڙ اڳوڻو ذيلي منصوبو آهي. سال 2022ع جي ٻوڏ جي نتيجي ۾ سنڌ جي مخصوص علائقن ۾ ماڻهن کي گذر سفر لاءِ گهٽ مدي وارا موقعا مهيا ڪرڻ آهي.

هن ماحولياتي ۽ سماجي تجزئي جو مقصد اهو پتو لڳائڻ آهي ته آيا SFERP منصوبن جون سرگرميون، دستياب سهولتون ۽ ڪم ڪار قومي ماحولياتي ضابطن ۽ قاعدن سان گڏ عالمي بئنڪ جي حفاظتي گهرجن توڙ معيار پٽاندڙ آهن يا نه. اُن سان گڏ هي تجزيو خطرن ۽ اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ منصوبو مهيا ڪري ٿو، ته جيئن منصوبي سان سلهاڙيل واڌو سرگرميون لاڀائتيون ثابت ٿين.

رپورٽنگ جي مرحلي ۾ پتو پيو ته مختلف جاين تي ڪم جاري آهن، ڪجهه ذيلي منصوبا سئو سيڪڙو مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ ڪجهه وري پڄاڻي جي مرحلي ۾ آهن، انهن جي ڪري ماحوليات تي ڪي به ناڪاري اثر نه پيا آهن.

SFERP جي تجزياتي مشق موجب ڪم واري جاءِ تي ڪنهن سنگين ڀڃڪڙي جون شاهديون نه مليون آهن. آڊٽ دوران ڪيترائي مثالي آپريشنل ڪمپلائنس ايرياز سامهون آيا، جن ۾ جديد ترين حفاظتي هدايت نامي جي دستيابي، انساني فضلي کي ٺڪاڻي لڳائڻ جا جوڳا انتظام، ٻارڻ ذخيرو ڪرڻ جون نشانيون، عملي جو تحفظ ۽ ماحولياتي لحاظ کان حساس علائقن بابت آگاهي ۽ تيل جي نيڪال بابت ڄاڻ شامل آهي. تياري جي اپائن، لاڳاپيل رڪارڊ تائين پهچ، پي پي اي جو استعمال ۽ ڪيمپ سائيٽ جي مناسب رهنمائي ڪندڙ حصن جي دستيابي وغيره به اُن ۾ شامل آهي.

تجزئي مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪجهه جاين تي غفلت ۽ لاپرواهي جا معمولي واقعا پيش آيا، جن کي رپورٽ جو پوئين حصي ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وڌيڪ عملدرآمد ۽ لاڳيتو اڳڀرائي کي نظر ۾ رکندي تجويزون به ڏنيون ويون آهن.